اها حالت حضرت مرشد صاحبن جي خدمت ۾ عرض ڪيم
۽ بعد از فنا جيڪا حالت بي هئي سا به عرض ڪيم. ۽ چيم تہ
مان بہ محو علم نسبت حق سبحانہ وتعاليٰ حضوري تو ڏسان.
ان کان بعد هڪ "نور عظيم" جو ساري شين جو محيط آهي ظاهر
ٿيو ۽ مون ان کي "حق" يعني الله جلشانہ سمجهيم ۽ انهي
نور جو رنگ ڪارو هو. اهو عرض ڪيم تہ فرمايائون تہ "حق"
مشهود آهي جلسلطانہ. مگر نور جي پردي ۾. پوءِ اهو نور
گهٽبو گهٽبو هڪ نقطہ جيترو ڏسڻ ۾ آيو. سڀن خدمت ۾
اهو عرض ڪيم. فرمايائون تہ اهو نقطہ محو ڪر. حيرت
اندر داخل ٿيس. حڪم موجب اهو نقطہ محو ڪيم. جڏهن اهو
عرض ڪيم. فرمايائون تہ اهو حضور، حضور نقشبنديہ آهي.
نسبت نقشبنديہ، عبارت انهيءَ حضور آهي. ۽ انهي حضور کي حضور
بي غيب بہ چوندا آهن. اندراج النهايت في البدايت جو
اهو درجو آهي. حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنہ جن

فرمائين ٿا ته هن درويش کي اهو لاثاني درجو رب تعاليٰ
جل شانه مرشد صاحبن جي برڪت سان ٻن مهينن ۾ ڪجهه
ڏينهن ۾ عطا فرمايو. جو ڪنهن شخص کي مشڪل سان
سالن ۾ حاصل ٿئي. سبحان الله تعاليٰ شانهٗ. " "
انهيءَ نسبت عظميٰ کان لپه "فناء حقيقي" حاصل ٿي ۽ دل
کي ايتري وسعت (ڪشادگي) حاصل ٿي جو ساري عالم عرش کان
فرش زمين تائين هڪ اَهُر جي داڻي جيترو نظر آيو. پوءِ پاڻ
کي ۽ عالم کي بلڪ هر ذره عالم ۾ هر ذره کي (حق "الله") جل شانه
ڏٺو. پوءِ هر ذره عالم ۾ افراد عين پنهنجو ڏٺم. ۽
پاڻ کي عين انهن جو. ساري عالم کي ذره ۾ گم ڏٺم.
پوءِ پاڻ کي ۽ ذره کي ايتري قدر وسيع ڏٺم جو ساري عالم
ان ۾ گنجائش رکي ٿو. ۽ ذلڪ جا لکان لپ ايترو ڪافي
آهي ته "نورٌ علیٰ نور" - جڏهن اها سموري ماجرا حضرت
خواجه صاحب عليه الرحمت جي خدمت ۾ عرض ڪيم - فرمايائون ته

مرتبه "حق اليقين" توحيد جو اهو آهي. "جمع الجمع" اعني
مقام جي عبارت آهي. ان کان پوءِ جيڪي صورتون ۽ اشغال
عالم کي پرايا ۽ (حق "الله") جي ذڪر سان هن وقت سموريون
ختم ٿي ويون. ۽ هر ذره کي جو "حق" جي ذڪر. بي تفاوت
بي تغير ختم ٿي ويون. عنايت حيراني ۾ آيس. ۽ جي
ساري ڪيفيت حضرت مرشد صاحبن جي خدمت ۾ عرض ڪيم
فرمايائون ته اڃان تنهنجو حضور ڪلي طرح صاف نه ٿيو آهي.
اعني ۾ مشغول رهه جو صاف ٿئي. تان جو "تميز" (يعني
پروڙ) موجود جو موهوم کان ظاهر ٿئي. ان کان پوءِ
حضرت حق سبحانه وتعالیٰ محض توجه حضرت مرشد ڪامل جي
ٻن ڏينهن کان پوءِ تميز موجود جو موهوم مان ظاهر ٿيو.
سموري ڪيفيت مرشد صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيم.
فرمايائون ته مرتبه "فرق بعد الجمع" جو اهو آهي. ۽
نهايت سالڪ جو اها آهي. هن درجه عاليه کي طريقت جي

مشائخن رحمت الله عليهم مقام "تحصيل" جو چيو آهي -

(وڌيڪ بيان هن درجي جو مرن کي ڪٿي طاقت آهي. يعني راقم کي

اي! ناچيز عاصي عبدالخفا رحمن پنهنجي ڏس اڳتي بيان تي هئي سمجهه،

هوش ڪان باهر آهي. "اياز حد خود بشناس" اياز هڪ حبشي غلام

سلطان محمود غزنوي جو پيارو غلام هو، بادشاهه جي مٿس حد کان زياده

شفقت هئي. جو وڏن وزيرن کي به ايتري حاصل نه هئي. جڏهن تانهن

اياز رات جو پنهنجا اصلوڪا غلاميءَ وارا ڪپڙا پائي دروازه بند

ڪري چوندو هو ته اي اياز! مغرور نه ٿي فخر نه ڪر..." اياز

حد خود بشناس يعني اي اياز! پنهنجي غلاميءَ واري حد ڏس

مغرور نه ٿي - سو مون کي به پنهنجي حد ڏسڻ گهرجي - ماٺ...

چپ... والله اعلم بالصواب )

اهو ذڪر ڪيو جيڪو اندر پنهنجي نجات لاءِ لکيو اٿم سو حضرت

مجدد صاحب رضي الله تعالى عنه جن جي مڪتوب شريف تان

نقل ڪيو اٿم - انهي ڪي اصطلاح جملہ صوفيا ڪرام

ڇا آهن. جيئن هر شخص جي سمجهه کان ٻاهر آهن، سي به نه لکيا اٿم. مبادا مون کان ڪا بيان ۾ غلطي ٿئي.

حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن جو مڪتوب شريف ختم اُنهيءَ حد "تڪميل" تائين آهي. هي درجا جيئن حضرت مجدد صاحب رحمت الله عليه جن کي عطا ٿيا، سي سالڪن ۾ به مشڪل سان اقل قليلن سالڪن کي حاصل هوندا. حضرت صاحب جن کي "سير محبوبي" ۽ "مرادي" رب تعاليٰ جل شانهٗ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان سندن مرشد صاحب جن جي توجه سان ٿورن مهينن ۾ ڪجهه ڏينهن اندر عطا فرمايو. ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ ۞ هاڻي حضرت مجدد صاحب قدس سره جن بابت خود سندن مرشد حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه جن کان ڪجهه احوال نقل ڪجي ٿو. حضرت خواجه صاحب جن پنهنجي هڪ خط ۾ مريدن کي لکن ٿا. شيخ احمد (رضي الله تعاليٰ عنه) نالي هڪ بزرگ سرهند جو ڪثير العلم ۽

ڪري العمل آهي. جنهن تي وقت فقير ساڻس صحبت ڪئي عجائب
۽ غرائب آثار ڪانئس صادر ٿيا. هڪ روشن چراغ (سيني نبي)
ٿيندو جو سندس روشنيءَ سان سارو عالم روشن ٿيندو-
سندن پاڻ ۾ عزيز صالحن سان آهن. سندن فرزند جي جنهن ۾
نيڪ آهن اسرار الاهي آهن - بالجمله شجره طيبه آهن - اَنبَتَهُ اللّٰهُ
نَبَاتًا حَسَنًا ۝ تم مڪتوب حضرت خواجه صاحب رضي الله تعالى عنه
مطلب ته سندن مرشد عليه الرحمت جي حسن توجهات لفظن مان عزيز
سان خيال ڪجي ته اڳتي هلي سندن ڇا درجه ۽ مرتبه هوندو !!
سبحان حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت حن ڪين طريقت ۾ ڪامل
مڪمل ڪيو ته ساعت سڌي ۾ ڪين خلافت جو خرقه عطا ڪري
ڪين فرمايائون ته هاڻ پنهنجي وطن سرهند شريف ۾ وڃي مسند
آراء ٿي طالبن کي فيض رباني پهچايو ۽ حضرت خواجه صاحب
عليه الرحمت حن ڪيترا پنهنجا مريد سندن خدمت ۾ روانا ڪيا
۽ انهن کي فرمايائون ته سندن (سرهند جو) پنهنجو سلوڪ رهيل آهي انهي ڪري

حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن پورو ڪرائيندا -

سندن ڪرم سبب جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه
جن واپس سرهند شريف آيا - ۽ اڄ ڏينهن جو درگاه مالڪن
تي پهچايا اٿن -

ڏي سرهند شريف کان ٻيو دفعه ٻه منهنجي مرشد صاحب جي خدمت ۾
آيا ۽ باقي رهيل سلوڪ پورو ڪيا اٿن - منهنجي مرشد صاحب جو
ايتري قدر ادب ڪندا هوا جو ڪنهن بطالب نه ڪيو هوندو -
پاڻ پنهنجي ڪتاب مبدء معاد ۾ لکن ٿا ته اسان جا جتان
حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت جي خدمت ۾ هوا سون - هرڪنهن جو
پنهنجي مرشد لاءِ پنهنجي خيال موجب جدا جدا اعتقاد هو - مگر منهنجو
اعتقاد پنهنجي مرشد صاحب عليه الرحمت لاءِ هي هو ته اهڙي
صحبت ۽ تربيت ارشاد جي حضور سرور ڪائنات صلي الله
تعاليٰ عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم جن کان بعد ڪنهن ٻئي
هنڌ هرگز نه آهي - شڪر رب تعاليٰ جل شانه جو ، جو اگرچه

مان اُهي؛ صحبت حضور سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم جي مشرف نه ٿيس مگر الحمد لله اُهي سعادت صحبت کان محروم نه رهيس.

مطلب ته جيا آءُ هڪ سير ڪاهه راقم الحروف حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت ۽ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي تعريف ۽ توصيف بيان ڪريان. جنهنکي اهڙن حضرات جي توصيف ۽ تعريف پڙهڻ جو شوق هجي ته ڪتاب زبدة المقامات ۽ عمدة المقامات ڏسي سگهي ٿو. هن ننڍڙي رساله ۾ بيان ڪرڻ بالڪل محال آهي. جناب حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن جو "خوارق عادات" يعني ڪرامتون ازحد زياده آهن جي هن مختصر رساله ۾ نه لکيون اٿم. اهڙن جي معلوم ڪرڻ لاءِ به جنهنکي شوق هجي ته ڪتاب زبدة المقامات ۽ عمدة المقامات ڏسي سگهي ٿو. بلڪ مٿين وڏي ۾ وڏي ڪرامت مٿين ڪتاب مستطاب "مڪتوبات شريف" آهي.

حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي عمر مبارڪ به متابعت
حضرت سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم
جن جي پوري ٦٣ سٺ ٽي ورهيه رهي. پاڻ تاريخ ٢٩ اڻٽيهين
ماه صفر المظفر سنه ١٠٣٤ هه ڪ هزار چوٽيهه به وقت ٻن
پهرن جي سرهند شريف ۾ وصال فرمايائون. قدرتًا اهو مهينو
٢٩ تي. جو سندن تدفين ١ پهرين ربيع الاول جي ٿي.
سندن قبر مبارڪ سندن وڏي فرزند ارجمند حضرت صاحبزاده
محمد صادق صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جي گنبد مبارڪ
۾ ٿي. اهي قبر مبارڪ لاءِ اڳهين جاءِ ۾ بشارت ڏني
هئائون. إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ ○

" ذڪر سندن اولاد مبارڪ "

سندن اولاد مبارڪ جمله ٦ ڇهه عدد آهي.

١ پهرين فرزند وڏو. سندن نالو حضرت خواجه
محمد صادق رحمت الله تعاليٰ عنه آهي.

٢ ٻيو نمبر فرزند سندن حضرت خواجه محمد سعيد المعروف حضرت
”خازن الرحمت“ صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه.

٣ ٽيون نمبر سندن فرزند حضرت خواجه محمد معصوم صاحب
المعروف به حضرت ”عُروة الوثقىٰ“ رحمت الله تعاليٰ عليه.
حضرات ٽنڊو سائينداد وارا ۽ اسان يعني راقم الحروف ۽ حضرات
مٽياري، حضرات ملير ڪراچي ۽ حضرات ڪابل وارا سڀ
سندن اولاد مبارڪ مان آهن. يعني ”معصومي“

٤ چوٿون نمبر سندن فرزند حضرت محمد عيسيٰ صاحب رحمت الله
تعاليٰ عليه هو. جن حضرت مجدد صاحب قدس سره جن جي
حيات مبارڪ ۾ ئي ١١ يارهن سالن جي عمر ۾ مرض وباء
(ڪالرا) ۾ وفات فرمائي. انهن جي قبر مبارڪ سرهندي وڏي
ٻاءِ حضرت خواجه محمد صادق رحمت الله عليه سان سندن گنبذ
۾ آهي. حضرت خواجه محمد صادق رحمت الله تعاليٰ عليه جن ٻه جناب
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي حيات مبارڪ ۾

۾هن "وباء" ۾ وفات ڪئي هئي -

٥ پنجون فرزند سندن حضرت محمد فرخ صاحب عليہ الرحمت آهي

جو پڻ حضرت جن جي حياتي ۾ پنجهن يا ڇهن سالن گڏ مرض

وبا ۾ سٺن سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو ، اُن جي قبر

مبارڪ بہ سندس وڏي ڀاءُ خواجہ محمد صادق عليہ الرحمت

جي گنبذ ۾ آهي ،

٦ ڇهون فرزند سندن حضرت محمد يحيٰ آهي ، عليہ الرحمت

جي حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنہ جن جي وصال وقت

ننڍي عمر ، شيرخواري ۾ هوا ، حضرت محمد يحيٰ جن عليہ الرحمت

جو اولاد هت سنڌ ۾ " قرن " لوڻ گرهي ياسين ۾ نشڪارپور

جي وچ ۾ آهي ،

ذڪر حضرت خواجہ محمد صادق رضي الله
تعاليٰ عنہ جن جو مختصرا

حضرت محمد صادق رحمت الله تعاليٰ عليہ حضرت مجدد صاحب عليہ الرحمت

جن جو وڏو فرزند هو ، علوم ظاهري ۾ سندن مرتبو مولويت

جو هو. سندن باطني ڪمالات بنهجي والد ماجد رحمت الله تعالىٰ عنه جن سان همدوش هوا. سندن ولادت باسعادت سنه ١٠٠٠ھ ۾ ٿي. ننڍپڻ کان ئي بزرگيءَ جا آثار منجهن موجود هوا. سندن تعليم جي تربيت سندن ڏاڏي صاحب حضرت عبدالاحد صاحب المعروف حضرت مخدوم صاحب رحمت الله عليه جن وٽ ٿي. مخدوم صاحب جن فرمائيندا هوا ته هي ڇوڪرو ڪيفيت حقيقت جو عجيب ڳالهيون پڇي ٿو. جنهن جو جواب مشڪل سان ڏجي ٿو. جڏهن حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالىٰ عنه جن حضرت خواجه باقي بالله (بيرنگ) رحمت الله عليه جي خدمت ۾ حاضر ٿي طريقه نقشبنديه ۾ داخل ٿيا ته حضرت محمد صادق صاحب جن به حضرت بيرنگ صاحب جن کان اخذ طريقه عاليه نقشبنديه ۾ داخل ٿيا. حضرت بيرنگ صاحب رحمت الله عليه جن جي توجهات سان ڪمال ولايت کي پهتا. تعليم منقول ۽ معقول ۾ پايهء نهايت کي پهتل هوا. منقول آهي ته هڪ

ڏينو علماءَ جي جماعت ۾ هڪ عالم عقليه ملڪ ايران جي
شهر شيراز کان آيل هو. ان ساڻ علم عقليه ۾ هندستان
جو ڪو به عالم مقابلو نه ٿي ڪري سگهيو. حضرت محمد صادق
صاحب رحمت الله تعاليٰ عنه جن ان کان ٻه چار سوال عقليه
ڪيا. جو هن شيرازي عالم کي تعجب ٿيو ۽ چيائين ته مون نه
ٿي ڀانيو ته ڪو هندستان ۾ عالم عقليه هوندو. مگر هن جو ڪري
مون کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته علم عقليه به هندستان ۾ آهي.
هن جو ڪري جي علمي تحقيق جيترو به ڪجهه اوتري ٿوري آهي
مطلب ته ڪين هر طرح جو علم حاصل هو. ۽ سندن ننڍي عمر
۾ جيڪي ڪين ڪمالات رب تعاليٰ جل شانه عطا ڪيو سو ڪنهن
ٻئي وڏي عمر وارن کي نه هو. هڪ ڏينهن هڪ بزرگ جنهن سلوڪ
پورو ڪيو هو تنهن پنهنجي ڪمالات جو طريقه مطلب حضرت بزرگ
صاحب جن جي مجلس ۾ بيان ڪيو ۽ پنهنجي مرشد جي
ڪماليت جو ذڪر ڪيو. حضرت خواجه بزرگ صاحب رحمت الله عليه

جن حضرت محمد صادق صاحب رحمت الله تعالیٰ علیه جن کي

سڌي جاگير ڪئي آهي، ته بابا! توهان پنهنجي سلوڪ جو اظهار

ڪريو ته اهل مجلس جاڳن. خصوصاً هي بزرگ صاحب پڙي

حضرت محمد صادق صاحب عليه الرحمت جن پنهنجي سلوڪ جو احوال

بيان ڪيو جو مٿين بزرگ کان به وڌ هو. مٿين بزرگ

صاحب کي تعجب ٿيو ته هي نند و چوڪرو جنهنجي عمر ست يا

اٺ سال آهي جنهن ٿورن مهينن ۾ ڪيترو سلوڪ حاصل

ڪيو آهي. غرض ته مٿين بزرگ ۽ اهل مجلس وارن کي حيرت

۽ تعجب ٿيو ته پنجاه سالن ۾ جيڪو سلوڪ ان مٿين بزرگ

کي حاصل ٿيو سو هن چوڪري ٿورن مهينن ۾ حاصل ڪيو آهي.

ذَالِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَشَاءُ ۝

مطلب ته حضرت محمد صادق کي نسبت جي غلبه ايتري قدر

مشتمل هو. جو حضرت بزرگ صاحب جن ڪين بزرگ جو مشتبه

ڪاڏو ڪاراڻئه اهوا ته سندن مخلوبيت گهٽ ٿي.

حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن ٻنهي مرشد صاحب کي
هڪ خط ۾ لکن ٿا ته برخوردار محمد صادق جو احوال باطني
۽ ظاهري الحمدلله تمام چڱو (سلوڪ ۾) آهي -
استغراق جو فڪر نه آهي اميد ته انشاءالله تعاليٰ جلد سُڪر
کان صحوه ۾ ايندا - جڏهن کان حضرت پيرنگ صاحب
عليه الرحمت جن پنهنجا ٻيا سڀ مريد به جناب حضرت مجدد صاحب
جن جي تحويل ۾ ڏيئي فرمايا ته حضرت محمد صادق صاحب جن کي
به حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جي حواله ڪيائون ته باقي
رهيل سلوڪ اتي تماميت کي رسي - حضرت پيرنگ صاحب
رحمت الله عليه جن حضرت محمد صادق رحمت الله عليه جن
کان سندي قبرن جو احوال پڇندا هئا ته هو کين ٻڌائيندا
هوا. کين خداوند تعاليٰ ٿوري وقت ۾ سلوڪ جو وڏو
مقام عطا فرمايو هو. جيئن ته خود حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت
جن پنهنجي مڪتوب عالي نمبر ٢٤٢ دفتر اول ۾ لکن ٿا ته هي مقام

فرزند ارجمند محمد صادق صاحب جن کي رب تعالیٰ جل شانه عطا
ڪيو ته ولايت ۾ موسيٰ سان شريڪ آهن. ته هي فقير
(يعني حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه) مسافرن جي رنگ ۾
سندن ولايت ۾ وسيلو آهي. وري ٻئي مڪتوب ٢١٥ ۾
لکن ٿا ته استفاده فقير ولايت موسوي ۾ آهي ۽ فرزند
صاحب محمد صادق جن ٻنهي مونسان ولايت موسوي ۾ شريڪ
آهن. مطلب ته رب تعالیٰ جل شانه کين ڪماليت جو وڏو
درجو عطا ڪيو هو. جنهن لاءِ هن مختصر رساله ۾ گنجائش
نه آهي. ڪتاب زبدة المقامات ۽ عمدة المقامات ۾ ڪو ڏسي سگهي ٿو
سندن وصال پرملال جو واقعو هن ريت آهي.

سنه ١٠٢٤ ڌاري جي عمر ۾ ساري هندستان ۾ وبا مرض وارد
ٿيو. سارو هندستان انهيءَ بلا ۾ مبتلا هو. ڪو به شهر انهيءَ
مرض کان خالي نه هو. حضرت محمد صادق رضي الله تعالیٰ عنه
جن پاڻ فرمايو ته "اين مرض لقمهء چرب مي خواهد" يعني هيءَ

مرض سڀو گراهه ٿو گهري - جيسائين مان انهيءَ مرض جو
لقمو نه ٿيندس انهيءَ مرض کي تسڪين نه ايندي....
لوءِ مان انهيءَ مرض ۾ مبتلا ٿيا ۽ وصال فرمايائون !
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن سندن وصال بابت
لکن ٿا ته - فرزند مرحوم محمد صادق صاحب رحمت الله عليه جن کي
قدرت جي نشاني هوا - ٢٥ سالن جي عمر ۾ تمام علم نقليه ۽
عقليه ۽ احاديث شريف ۾ درجه اختتام تي حاصل هوا - ۽
ستن ورهين جي عمر ۾ حضرت خواجه بزرگ صاحب رحمت الله عليه
جن جي مريدي ۾ داخل ٿيا ته ان وقت ۾ جيڪو رب تعالیٰ
جل شانه سلوڪ عطا فرمايو سو لکڻ کان ٻاهر آهي - ۽ فرزند
محمد فرخ صاحب عليه الرحمة جو جيئن ذڪر ڪريان يارهن سالن
جي عمر ۾ ڪافيه تائين تعليم حاصل ڪئي هيائين - هميشه
خدا پاڪ جي خوف ۽ آخرت کان خائف رهندا هيا - ۽ هميشه
رب تعالیٰ جل شانه جن کان اها دعا گهرندا هوا ته يا رب العالمين

مون کي ننڍپڻ ۾ پاڻ وٽ گهرائي حتيٰ عذاب آخرت کان نجات مليم -
بيماريءَ جي حالت ۾ سندن خدمتگارن سندن جون عجيب ڪرامتون
بيان ڪيون آهن - پاڻ به اهڙيءَ وبائي مرض ۾ وصال ڪيائون

إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ٥

۽ فرزند محمد علي صاحب عليه الرحمت اٺن سالن جي عمر ۾
ساڳي مرض وبا ۾ وفات ڪئي . سندن ننڍپڻ ۾ ئي ڪيترين
ڪرامتون عجيب عجيب بيان ڪيون اٿن - جن
مطلب ته هي شيءِ فرزند حضرت حق سبحانه وتعاليٰ جي قدرت
جي هڪ نشاني هوا - سندن ڇا ڇا بيان ڪريان ....

رب تعاليٰ مون کي امانتون عطا ڪيون هيون جي مون به
صبر ۽ رضا سان رب تعاليٰ جل شانه کي واپس پرڏيون !!

اَللّٰهُمَّ لَا تَحْرِمْنَا اَجْرَهُمْ وَلَا تَفْتِنَّا بَعْدَهُمْ بِحُرْمَتِ
سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمُ الصَّلٰوٰةُ وَالتَّسْلِيْمَاتُ ٥

تم بيان حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه

حضرت محمد صادق صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن کي هڪ فرزند
هيو ـ جنهن جو نالو مبارڪ "شيخ محمد" هو ـ صاحب حالات عجيب
۽ غريب جا هوا ـ ۽ شيخ محمد صاحب عليه الرحمت کي ٣ ٽي
فرزند ٿيا ـ هڪ شيخ ابراهيم صاحب جو کين فقط هڪ نياڻي هئي ـ
ٻيو "شيخ زاهد صاحب" جو کين ڪو به اولاد نه هيو ـ ٽيون
"شيخ عابد صاحب" جنهن کي هڪ فرزند هيو ـ =
"شيخ ضياءُ الدين صاحب" سندن اولاد جو نالو ـ شيخ محمد شجاع صاحب،
شيخ ابوبڪر صاحب، شيخ ظهور الدين صاحب رهيو ـ هي سڀ
صاحب ڪمال ۽ فضائل جا هوا ـ رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين ـ
حضرت محمد صادق عليه الرحمت جن جا احوال اختصاراً پورا ٿيو.

## ذڪر فرزندن ٢ ٻيو جناب حضرت محمد صاحب
## رضي الله تعاليٰ عنه

جناب حضرت محمد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي فرزند ٻئي ٢
جو نالو شيخ العرفا، زبدة العلماء، راسخين مظهر ڪمالات
حضرت محمد سعيد صاحب ۽ لقب "خازن" رحمت الله عليه آهي ـ

سن ولادت پر سعادت سنه ۱۰۰۵ھ ماه شعبان المبارڪ ۾ ٿي -
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن لکن ٿا ته - فرزند
محمد سعيد جن پنجن ورهين جي عمر ۾ بيمار ٿي پيا، ليڪن
نهايت ضعف هيو - عين انهيءَ بيماريءَ ۾ ڪانئن پڇائون
ته تنهنجي طبع ڪهڙي شيءِ تي چاهي. پاڻ بي اختيار فرمايائون
ته "خواجه صاحب را مے خواهم" يعني حضرت بيرنگ صاحب
تو گهران - حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن اهي الفاظ
حضرت خواجه بيرنگ صاحب رحمت الله تعاليٰ عنه جن
جي خدمت پيش ڪيا. حضرت بيرنگ صاحب جن فرمايو
ته محمد سعيد صاحب اسان جي رنگ ظاهر ڪري غائبانه
مون کان نسبت حاصل ڪئي. جڏهن سندن عمر مبارڪ
حد تميز کي پهتي ته تحصيل علوم ديني پنهنجي والد صاحب
رحمت الله عليه جن کان ۽ اڪثر پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت
محمد صادق صاحب قدس سره جن کان حاصل ڪيائون -

باقي علم نقليه ۽ عقليه مولانا شيخ طاهر صاحب لاهوريءَ
کان پائيءَ اختتام تي پهچايائون. ۽ اهي سمورا ڪمالات
۽ فضائل ظاهري ۽ معاملات فيوضات باطني سترهن
سالن جي عمر تائين حاصل ڪيائون. حضرت مولانا
محمد هاشم ٺٽوي رحمت الله عليه بيان ٿو فرمائي ته هڪ ڏينهن
محفل علماء دين ۾ هڪ فقه جو مشڪل اصولي مسئلو
آيو. بابت ان مسئلي جو اهڙي صراحت ۽ بلاغت سان حل
فرمايائون جو اهل مجلس وارا حيران ٿي ويا ۽ سندن قابليت
۽ علميت تي آفرين چيائون. سا ڳيا مولانا محمد هاشم ٺٽوي
رحمت الله تعالى عليه جن وري بيان ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن
لاهور شهر ۾ وقت جي محترمن ۽ علمائن جي مجلس هئي.
ان ۾ بابت پنهنجي پاءُ حضرت خواجه محمد معصوم صاحب
المعروف به عروة الوثقى رضي الله تعالى عنه جيڪي سندن
(يعني حضرت محمد سعيد صاحب جن) جي عمر کان ننڍا هوا ان

مجلس ۾ موجود هوا. مجلس ۾ "سجده تحية" ۽ "سجده تلاوة"
۽ ٻين علمن ۾ بحث شروع ٿيو ته ساري جماعت عالمن جي
هڪ طرف هئي ۽ هي ٻئي حضرات يعني حضرت محمد سعيد صاحب
۽ حضرت محمد معصوم صاحب عروة الوثقى احسن ٻئي طرف هوا
ٻنهي حضراتن مذڪوره مسئلن تي عقليه ۽ نقليه طرح اهڙي
روشني وڌي جو ساري جماعت کي حيرت ۽ تعجب ٿيو.
ساري جماعت هڪ زبان ٿي چيو ته ڀلي اهڙي والد بزرگوار
جا اهڙا فرزند هجن جو فخر زمانه آهن.

پاڻ هڪ رسالو "عدم رفع سبابه" تشهد = نماز ۾
يعني التحيات ۾ لفظ مبارڪ "اشهد ان لا اله الا الله"
تي هٿ جي آڱر مٿي ڪرڻ تي. ان تي مذهب مختار
حنفيه تي هڪ رسالو لکيو اٿن - انهيءَ ڪري عالم
رفع سبابه جا قائل هوا سي تعجب ۽ حيرت ۾ پئجي ويا.
پاڻ سلوڪ طريقت جو ٻنهي والد صاحب بزرگوار عليه الرحمة جن

ڪمان حاصل ڪيو. ان لاءِ خود حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت
جن پنهنجي مڪاتيب ۾ سندن ڪمالات جي ڪيفيت ۽ ڪمالات
طريقت جا لکيا آهن. جن لاءِ عقل عقيل ادراڪ جو عاجز
۽ قاصر آهي. سندن عروجات جا معارف حضرت امام رباني
مجدد الف ثاني قدس سره جي مڪتوبات شريف مان حاصل ڪري سگهجن ٿا.
حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن فرمائين ٿا ته حضرت محمد سعيد
صاحب جن مون کان ڪنهن به مقام عروج يا نزول ۾ اڄ
تائين مون کان پوئتي نه رهيا بلڪه مون سان گڏ شريڪ
رديف طريقت آهن. هڪ دفعه حضرت مجدد صاحب قدس سره
جن کين خطاب ڪري فرمايو ته توهان حضرت ابراهيم عليه السلام
وارو دائره نفي جو پورو ڪري هاڻي مون سان دائره اثبات
۾ شريڪ آهيو. مطلب ته سندن ڪمالات جا بيان ڪرڻ
جيڪي لکڻ مان باهر آهن. هن مختصر رسالي ۾ سندن
ڪمالات جي لکڻ لاءِ گنجائش ڪانه آهي. حضرت عروة الوثقى صاحب

رحمت الله تعاليٰ عليه جن بن جي مڪاتيب ۾ لکيو آهي تہ -
حضرت مجدد صاحب قدس سرہ جن بن شخصن کي "ولايت احمدي
عليہ التحيہ والسلام جي بشارت ڏني آهي ـ هڪ حضرت
"خازن" صاحب ۽ ٻيو حضرت "عروة الوثقيٰ" صاحب - رضوان
الله تعاليٰ عليهم - حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنہ
جن ٻنهي معارف ۽ دقائق جن بن بزرگن کان سواءِ ٻئي
ڪنهن کي بہ بيان نہ فرمائيندا هوا - هي هڪ اشارو ئي سندن
ڪمالات ۽ عالي درجات لاءِ ڪافي آهي -"

سندن وصال مبارڪ سنہ ١٠٧١ھ ۾ ٽيهٺ[٦٣] ورهين ڄمار ۾
حرمين شريفين جي سفر مبارڪ کان بعد ۾ ٿيو.

پاڻ ڪجهہ وقت دهليءَ ۾ رهيا. جتي هن موٽڻ جو ارادو ڪيائون
تہ دهليءَ مان ٻنهي پاڻ حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ
عنہ جن کي موٽ ملاقات جو لکيائون - حضرت عروة الوثقيٰ جن
سندن خط پهچڻ تي خط مان سندن رحلت جو معلوم ڪري

استقبال لاءِ روانا ٿيا، هڪ قاصد هٿ کين واپسي خط ڏئي موڪلائون

ته اوهان جي حڪم جي آڌار اوهان جي خدمت ۾ پهچندس.

جنهن ۾ "سراءِ علو" (جو سرهند شريف کان ستن ميلن تي آهي) تي پهتا

ته کين باطني طرح معلوم ٿيو ته حضرت خازن عليه الرحمت جن دهليءَ

کان ايندي "سراءِ سنبالڪ" ۾ رحلت فرمائي آهي. ان ڪري

گهڻو ڏک ٿيو. اوهان کان موٽي سرهند شريف آيا. ٻن ٽن

ڏينهن کان پوءِ قاصد به حضرت خازن عليه الرحمت جن جي وفات

جي خبر پهچائي. سندن جنازه مبارڪ سرهند شريف پهچايو

ويو. سندن قبر مبارڪ سندن والد صاحب حضرت خواجه صاحب

رضي الله تعاليٰ عنه جي ڀر يا حضرت محمد صادق صاحب عليه الرحمت

جن سان گڏ آهي. انا لله و انا اليه راجعون ٥

سندن وفات بعد هڪ عالمات اولياءِ ڪرام لکي اعظم تي اکتفا ڪئي.

حضرت شاهه فضل الله صاحب عليه الرحمت جن پنهنجي عمدة المقامات

ڪتاب ۾ صفحه نمبر ٢٣٥ ۾ پنهنجي والد صاحب جي والد صاحب عليه الرحمت

جو عيل نقل لکو آهي ته سرهند شريف ۾ هڪ دفعه سخت برسات پوڻ ڪري حضرت جن جي اندر روضه مبارڪ ۾ تمام گھڻو پاڻي داخل ٿيو - ۽ حضرت خازن عليه الرحمت جن جي قبر مبارڪ پاڻيءَ جي ڪثرت سان تمام هيٺ ٿي ويئي - قبر شريف جي اندر سان نو تعمير لاءِ قبر مبارڪ کي کوليو ويو - ڏٺو ويو ته سندن جسد مبارڪ ڪفن مبارڪ ۾ ساڳي طرح ملفوف آهي ۽ ڪفن جهڙوڪ نئون ۽ تازو ڏٺل معلوم تي ٿيو اُن تي مٽيءَ ۽ گپ جو ڪو به اثر ڪونه هو - سندن چهرهٔ مبارڪ اهڙو ته نوراني ۽ تازو هو - ڄڻ ته ڪو ماڻهو ننڊ يا خواب استراحت ۾ آرام ڪري رهيو هجي - حالانڪ سندن وفات مبارڪ کي ١٣٠ هڪ سؤ ٽيه ورهيه گذري چڪا هئا - !! اهڙيءَ سڀني حاضرين کي سندن ڪمال اخرويءَ جو ڪفايت تعجب ٿيو - رضي الله تعالیٰ عنه - اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلَنَا وَارْحَمْنَا وَاَدْخِلْنَا فِيْ عِبَادِكَ الصّٰلِحِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ ○

۸

سندن اولاد مبارڪ سواءِ بناتين جي اٺ فرزند ارجمند هوا.
سڀئي مخدوم زاده ڳان ظاهري باطني ڪمالات سان معمور هوا.
(١) پهريون نمبر سندن فرزند مبارڪ حضرت شاه عبدالله صاحب
رحمت الله عليه وڏي ڪمالات ۽ حالات جا صاحب هوا. ۽
۽ معارف طريقت جو بنهي والد صاحب کان حاصل ڪيو
هوائون اُن کي فقط هڪ فرزند حضرت عبدالحق عليه رحمت هو.
(٢) سندن ٻيو نمبر فرزند حضرت شاه لطف الله صاحب رحمت الله
عليه هو. ان صاحب به اخذ طريقه بنهي والد صاحب عليه الرحمة
کان ڪيو ۽ وڏي ڪمال جو صاحب هو. ان کي ڪوبه اولاد ڪونه هو.
(٣) سندن ٽيون نمبر فرزند جناب علامة الورئ نور الهدئ
ميان فرخ شاه صاحب رحمت الله عليه جن هوا. علم ۽
عمل ۾ بنهي پاڙن ۾ ممتاز هوا. سندن عمر مبارڪ ٩٠
نوي ورهين کان به وڌ هئي. گهڻا ماڻهون سندن حلقه مبارڪ
مان فيضياب ٿيا. ٢٠ ويهين شوال سنه ١١٠٨ هجري ۾ وفات ڪيائون.

ڪين ٻي فرزند هوا. اول قطب الاوليا حضرت شيخ "علي رضا" صاحب
رحمت الله عليه هوا. وڏا صاحب ڪمالات جا هوا. سندن حالات ڪمالات
جو ذڪر حضرت خواجه ڪشيوري ڪتاب "اشجار الخلد" ۽
"اثمار الاشجار" ۾ تفصيل سان ڪيو آهي. ٻيو نمبر بائُو مياں ارشد صاحب
۽ ٽيون نمبر مياں ضياءُ الله صاحب جو ٽئون پڙپاءُ حضرت
شيخ "سعد الدين" صاحب هو رحمت الله عليهم هن صاحب به
فيض ٻنهي والد بزرگوار حضرت خانزن صاحب عليه الرحمت کان ڪمال
ڪيو. هڪ سندن فرزند مياں محمد قطب صاحب هو جنهن کي
هڪ فرزند حضرت محمد غوث نالي هيو. رحمت الله تعاليٰ عليه
هه ٻيون نمبر فرزند جناب حضرت مقبول الصمد شيخ عبدالاحد
صاحب رحمت الله عليه هوا. هن صاحب به اول اخذ طريقه
ٻنهي والد صاحب عليه الرحمة کان باقي اخذ طريقه ٻنهي جاچي
حضرت صاحب شاه عروة الوثقىٰ رضي الله تعاليٰ عنه کان پاڻ
تڪميل کي پهچايو. وڏي ڪمالات جا صاحب هوا —

٦ سندن ڇهون نمبر فرزند قدوة اهل الله حضرت شيخ خليل الله
صاحب رحمة الله عليه هوا. هن صاحب به سلوڪ پنهنجي والد
صاحب کان پائي تڪميل تي پهچايو. کين به فرزند هوا هڪ
حضرت ميان نور القدس صاحب ۽ ٻيو مراد الله صاحب رحمة الله عليهما

٧ سندن ستون نمبر فرزند حضرت شيخ محمد تقي صاحب جن
هوا. جن به فيض پنهنجي والد بزرگوار کان درجه ڪمال تي پهچايو.
کين هڪ فرزند حضرت شيخ نجم الدين صاحب نالي هو رحمة الله عليه.

٨ سندن اٺون نمبر فرزند حضرت شيخ محمد يعقوب رحمة الله عليه
هوا. سندن اولاد ڪري نهايت پيارو هون درجهء ڪمال
کي پهتا هوا. اُن کي هڪ فرزند شيخ عصمت الله صاحب
رحمت الله تعالى عليه هو. حضرت خازن صاحب عليه الرحمت

جي اولاد جو ذڪر پورو ٿيو. هاڻي بيان حضرت مجدد صاحب
رضي الله تعالى عنه جي ٣ ٽئين نمبر فرزند ارجمند جو لکجي ٿو.

حضرت مجدد رضی الله تعالیٰ عنه جي ٽئين نمبر ٣ فرزند ارجمند جو
نالو "حضرت خواجه محمد معصوم صاحب" رضی الله تعالیٰ عنه آهي.
سندن لقب مبارڪ حضرت عروة الوثقیٰ صاحب آهي. سندن
ولادت مبارڪ باسعادت "بسنتي" (ملڪ حيدر) جو مرهين
شريف کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهي) تاريخ يارهين ١١ شوال
المکرم سنه ١٠٠٧ھ ۾ ٿي. حضرت مجدد صاحب رحمت الله عليه
جن فرمائيندا هوا ته حضرت محمد معصوم جي ولادت باسعادت
مون لاءِ مبارڪ آهي. جو سندن ولادت کان ٻن ٽن مهينن بعد
مهنجي ملاقات حضرت شاه باقي بالله رضی الله تعالیٰ عنه سان
ٿي الحمدلله والشڪر لله تعالیٰ - جيڪو فيض مون کي رب تعاليٰ
جل شانه پنهنجي خاص فضل ۽ ڪرم سان حضرت خواجه بزرگ
صاحب رحمت الله عليه جن کان عطا ڪيو اقل قليل کنهن کي مليو هوندو.
حضرت مجدد صاحب قدس سره جن فرمائيندا هئا ته، حضرت صاحب
عروة الوثقیٰ صاحب ٽن ورهين جي عمر ۾ ئي عجيب غريب ڳالهيون

ٿيڪيون چيائين ٿي ته آءٌ آسمان آهيان آءٌ زمين آهيان !!
آءٌ فلان فلان يعني ارض و سما، وحوش و طيور و حجر و نباتات
يعني زمين، آسمان، ڪجهه، پٿر، زمين جا اوپڙ آهيان -
مطلب ته جيڪي به سندن نظر مبارڪ ۾ ٿي آيو سو ٿي چيائون
ته مان آهيان.... خداوند پاڪ جيڪو هن صاحب کي نينديءَ
۾ عطا ڪيو مون کي به نه ڏهونڊيو. ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ
سندن نالو مبارڪ حضرت محمد معصوم آهي. سندن لقب مجدد الدين
۾ سندن مشهور ٿيو عروة الوثقيٰ آهي. ادب خاطر آئنده
سندن نالي مبارڪ جي بجاءِ سندن لقب ۾ ٿيو جو نالو يعني)
"حضرت عروة الوثقيٰ" رضي الله تعاليٰ عنه لکيو ويندو -
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن سندن ارشاد
بابت فرمائيندا هئا حضرة عروة الوثقيٰ صاحبن مون کان
يومًا فيومًا، اُنا فآنا مثل صاحب ڪتاب شرح وقايه جو
حاصل ڪيءُ - جو خطبهٔ ڪتاب شرح وقايه ۾ لکن ٿا ته

منهنجي جد ساڳي وقايه اَلَّفَهَا جَدِّيَ الوِقَايَةَ سَبقًا سَبقًا وَ
كُنتُ أُرَجِّي فِي مِيلَادِ حِفظِهَا طَلقًا طَلقًا حَتَّى اتَّفَقَ
تَمَامُ تَأليفِهَا مَعَ إتمَامِ حِفظِي = يعني منهنجي جيڪو وقايه
جو سبق ڏاڏي صاحب لکي ٿي ڏنو سو مون به ياد ٿي ڪيو ۽
جڏهن ڪتاب وقايه پورو ٿيو ته سارو ڪتاب وقايه جو مون کي
ياد ٿي ويو هو. مطلب ته حضرت مجدد صاحب رحمة الله عليه
جن جيڪو سلوڪ جو سبق کين ڏنو پئي سو حضرت عروة الوثقىٰ
رضي الله تعالىٰ عنه جن ياد پئي ڪيو آخر سلوڪ جا سبق
نه پورا ٿيا ته سلوڪ به سارو کين حاصل ٿي ويو. مطلب ته
حضرت مجدد صاحب قدس سره جن کين تاڪيد پئي ڪيو ته بابا
جلدي ڪري ظاهري علمن کان فارغ ٿيجو ته توکان مون کي
وڏو ڪم وٺڻو آهي. ان بعد پاڻ ٿوري ئي وقت ۾
علم ظاهري عقليه ۽ نقليه کي پايه تڪميل تي پهچايائون.
۽ اهي علم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيائون.

۾ مجهن علم پڻ هجي ورتي. پاڻ خواجه محمد صادق عليه الرحمته کان
حاصل ڪيائون. سورهن (16) سالن جي عمر ۾ سارو علم حديث
شريف، فقه شريف ۽ علم عقليه حاصل ڪيائون. علم جي
پوري ٿي ويه. سلوڪ باطني لاءِ پنهنجي والد بزرگوار صاحب
جن ڏانهن رجوع ٿيا. جنهن لاءِ سندن والد صاحب جن خود
منتظر هوا. پنهنجي والد صاحب عليه الرحمت جن کان جيڪو
علم باطني کين عطا ٿيو سو ڪنهن کي به حاصل نه ٿيو.

حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي نياڻي حضرت عروة
الوثقيٰ صاحب جن جي شادي لاءِ منتظر هوندا هوا. مگر کين
"اجازت غيبي" نه ٿي ملي. هڪ ڏينهن حضرت مجدد صاحب
قدس سره جن ضرورت پيشاب لاءِ جڏهن مسجد جاءِ تي ويا
ته اتي جا پنج دانا ڪڻڪ جا پيل ڏٺائون. حضرت جن
باوجود غلبه پيشاب جي اتي پيشاب نه ڪيو ۽ ٻئي جاءِ
تي پيشاب لاءِ ٿي ويا ته الهي وحي ۾ کين حضرت صاحب

جناب حضرت عروة الوثقيٰ جن جي نڪاح جي بشارت ملي -
ان ڪان پوءِ جناب حضرت مولانا طاهر صاحب لاهوري (جيڪي
سندن والد صاحب جن جي خلفا مان هيو) ان جي معرفت
حضرت سيد سند "مير سفر احمد" صاحب جو روم ڪان
تشريف فرما ٿيا هيا ۽ پاڻ سادات ڪرام مان هوا ۽ طريقه
۾ جناب حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جا خليفا
هيا ان ڪان حضرت عروة الوثقيٰ صاحب رضي الله تعاليٰ عنه
جن جي لاءِ نياڻيءَ جي گهر ڪيائون. حضرت مير سفر احمد
صاحب جن وڏي خوشيءَ سان قبول ڪيو - ۽ خير سان شادي
ٿي - حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت جن باوجود والده جي
به حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن جي گهڻي تعظيم ڪندا هوا.
حضرت مجدد صاحب عليه رحمت جڏهن دهلي ۾ پهتي
مرشد صاحب حضرت خواجه باقي بالله صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه
جي خدمت ۾ هوا ته ننڊ ۾ حضرت عروة الوثقيٰ به ان

سفر ۾ ساٿ ڪيو هو.

هڪ ڏينهن قيلوله جي وقت حضرت عروة الوثقىٰ رضي الله تعاليٰ عنه جن پنهنجي حضرت والد صاحب مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي حجره شريف ۾ آرامي هوا. جڏهن حضرت مجدد صاحب جن اکيون کليا ۽ ڏٺائون ته حضرت عروة الوثقىٰ جن اندر آرامي آهن ته پاڻ حجره باهران پٿر جي صحن تي گرمي ۾ تپايون وٺندا رهيا جيستائين خود پاڻ حضرت عروة الوثقىٰ جن سجاڳ ٿيا. ۽ خادم کي به منع فرمايائون ته حضرت کي ننڊ مان نه اٿاري. حضرت عروة الوثقىٰ رضي الله تعاليٰ عنه جن جي جاڳڻ ۽ حجره کان باهر تشريف آوري کان پوءِ پاڻ وري پنهنجي حجره ۾ آرام فرمايائون.

حضرت عروة الوثقىٰ قدس سره جن ١٤ چوڏهن ورهين جي عمر ۾ پنهنجي والد صاحب کي چيائون ته مون مان هڪ نور ٿو نڪري جو سارو عالم ان نور مان منور ٿئي ٿو. حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه

جن کين "قطبيت" جي بشارت ڏني - مطلب ته حضرت رب تعالیٰ جل شانہ جي کو رتبو کين ولايت جو عطا ڪيو هو سو لکڻ کان ٻاهر آهي. هن مختصر رسالي ۾ گنجائش نه آهي.

سندن تاليفات "مڪتوبات معصومي" آهي. سندن رتبي ۽ درجي ان ڪتاب مان معلوم ڪري سگهجي ٿو. مگر مڪتوبات معصومي ڇپيل ڪانه آهي. اخوي حضرت حافظ محمد هاشم جان صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه جن خيال ڪيو هو ته منهنجي مڪتوبات شريف ڇپارائجي مگر هزار افسوس جو حضرت اخوي صاحب جن به هن دنيا مان هليا ويا ۽ اهو ڪم رهجي ويو.

ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان پروفيسر سنڌ ڪاليج وارن اهو ڪم پورو ڪندو. مگر مون کي خبر نه آهي ته مڪتوبات شريف جي ڇپائي وارو ڪم برابر ٿيو يا نه.

سندن مناقب لکڻ کان ٻاهر آهن - هڪ مناقب جيڪو حضرت وحدت صاحب جيڪو سندن پاٽيوهو ۽ حضرت خانهن

عليه الرحمت جو وڏو پٽ هو. ڪان منقول آهي سو اختصاراً
ڪجان ٿو. حضرت وحدت صاحب عليه الرحمت جن حضرت عروة
الوثقيٰ جن جا خليفا هئا پاڻ حضرت وحدت صاحب جن
سان وعدو ڪيائون ته توکي چاليهه [٤٠] توجهون ڪندس. هڪ
توجه تي توکي اها معرفت حاصل ٿيندي جا بيان جي حد کان
ٻاهر هوندي. تنهن تان چوٽيهه [٣٤] توجهه سندن حياتي مبارڪ ۾
حضرت وحدت صاحب جن کي نصيب ٿيا باقي ڇهه [٦] توجهه رهجي ويا
ته حضرت جن وفات ڪري ويا. حضرت وحدت صاحب رحمت
الله عليه جن سندن قبر مبارڪ تي وڃي عرض ڪيو ته اوهان
مون سان چاليهن [٤٠] توجهن جو وعدو فرمايو هو. مگر افسوس جو
انهن مان ڇهه توجهه رهجي ويا آهن. هاڻي به اوهان جي
آڏو اها ڪا مشڪل نه آهي. حق تعاليٰ جل شانه اوهان کي
هر طرح نوازيو آهي. مون کي اميد آهي ته باقي رهيل ڇهه [٦] توجهه
به مون تي ڪرڻ فرمائيندا. مگر وعده حال حيات جو هو

هاڻي به باقي رهيل توجهون مون کي حال حيات وانگر ڪندا -

حضرت عروة الوثقيٰ رحمت الله تعاليٰ عليه جن حضرت وحدت
صاحب جن کي حڪم ڏنو ته فراغت جي وقت ۾ جڏهن ڪو به ماڻهو
موجود نه هجي اچي توجه وٺي وڃ - پوءِ حضرت وحدت صاحب
جن روزانو فراغت جي وقت ۾ حضرت صاحب جن جي قبر مبارڪ
تي حاضر ٿيندا هوا ۽ حضرت جن پاڻ (عروة الوثقيٰ جن) به هجي
قبر شريف مان بام بلڪل حال حيات وانگر حضرت وحدت
جن تي توجه ڪندا هوا - آخرين توجه ڏيڻ ۽ حضرت وحدت
جن پاڻ سان گڏ ڪاغذ ۽ قلم جو سامان کڻي ويا ۽ عرض ڪيائون
ته پنهنجي دست خط سان لکي ڏيو ته جيئن اسان جو وعدو
۴
چاليهن توجهن جو عبد الاحد (صحح) سان هوا تمام
۳۴
ج ٿيا - توجهه مثل حال حيات ۾ ڪيا ويا - باقي ڇهه توجهه وفات
هيئت حيات ۾ اچي ايفاءِ عهد موجب ڪيا ويا - ۽ انهن خلافت
نامي پنهنجي صحيح مبارڪ ڪيائون - جنهن حضرت

وحضرت صاحب جن اهو خلافت نامه حضرت عروة الوثقيٰ جن جي

دستخط ۽ صحيح مبارڪ سان ڀنهي سؤ ننڍي ڪي ڏرڪاريو ته

حضرت جي فرزندن سڳورن ڀنهي والد صاحب جن جو دستخط

ڏسي قبول ڪيو ته اهي اڪابر حضرت صاحب عروة الوثقيٰ

رضي الله تعالىٰ عنه جن جا آهن. حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره

جن جي فرزند حضرت "حجة الله" صاحب جن انهن خلافت نامه

جي پٺ تي هي الفاظ لکيا:-

بَلَىٰ اِنَّ اَوْلِيَاءَ اللّٰهِ لَا يَمُوْتُوْنَ بَلْ يَنْتَقِلُوْنَ مِنْ دَارٍ اِلَىٰ دَارٍ ۝

هي هڪ مناقب ۽ ڪرامت لئي اسان لاءِ ڪافي آهي. وڌيڪ

سندن حالات ۽ مناقب سندن ڪتاب "مڪتوبات معصومي"

۽ ڪتاب عمدة المقامات مان ڏسي سگهجن ٿا. آخر دعوانا

ان الحمد لله رب العالمين ۝ = فرد

خرياد حافظ اين قصه آخر بهر زه نيست    هم قصه غريب و حديث عجيب است

مون راقم الحروف کي سرهند شريف جي زيارت جو پنجھ دفعه شرف مليو آهي -
هڪ دفعه ننڍپڻ ۾ جڏهن منهنجي عمر ١٠ ڏهه سال هوئي - اها زيارت پنهنجي
حضرت قبله گاهه والد ماجد صاحب رحمت الله تعاليٰ عنه جن سان ٿي .
حضرت قبله گاهه جن جيڪو وقت سرهند شريف ۾ رهيا نماز عصر
کان نماز مغرب تائين حضرت عروة الوثقيٰ صاحب قدس سره جن جي
مسجد شريف ۾ ويهي وهندا هيا ۽ مون کي جناب حضرت عروة الوثقيٰ
صاحب عليه الرحمت جا مناقب بيان ڪري ٻڌائيندا هوا . راقم کي
ڪي ڳالهيون ياد آهن . حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن جو گنبذ
تمام وڏو آهي . سانئن سندن فرزندن صاحبن جا مزار اقدس
آهن . حضرت صاحب جن جي قبر مبارڪ گنبذ جي هيٺان تهه خاني
۾ آهي مٿان گنبذ ۾ قبر مبارڪ جي برابري ۾ قبرون آهن
منهنجا حضرت قبله گاهه صاحب رحمت الله عليه جن برابر جا ليئه ڏنه
اندر تهه خاني ۾ رهيا . الهي واقعه اڳ جو آهي . تهه خاني ۾
اندر هن وقت پنهنجي خدمتگار کي ڇڏيو هيا ڪون ته مغرب

جي وقت هڪ عقلي چاهڻ جي بنياد ڪيو جي ۽ هڪ مالي جوڻ جي
ته خانه جي دروازي تي رکندو هو - سائين خدمتگار هڪ شخص
حاجي اسماعيل نالي هو. حضرت قبله گاهم صاحب عليه الرحمة جن
حضرت عروة الوثقىٰ قدس سره جن جي خدمت ۾ هڪ قصيدو چيو
آهي - اُن مان ٻه بيت مون کي ياد آهن سي لکان ٿو - دهو هذا
شاه معصوم ولي يڪ نظر از فنائي ۝ ڪه من احرار شوم گرچه رقيق آمدم ۝ ڪه من از سنده به بااميد قند آمدم ۝
جو ٽين دفعه جو زيارت سرهند شريف لاءِ ويس ته مون سان هڪ
عجيب واقعو ٿيو. درگاه سرهند شريف جي خليفه مون کي رهڻ لاءِ هڪ
خلاصه حجرو ڏنو. حضرت مجدد صاحب قدس سره العزيز جن جي گنبذ مبارڪ
سان متصل هڪ باغ ۾ هڪ ننڍي مسجد آهي - اُتي ماڻهن جو گذر نه آهي
اُتي تخليه جي ڪري مون سنت مسجد شريف ۾ اعتڪاف جي نيت ڪري رهيس
مون کان اڳ اُتي "صوفي شجاع" صاحب ويٺل هو. هڪ بنگالي (صوفي)
به رهندو هو جنهن وٽ گنبذ مبارڪ جون ڪنجيون رهنديون هيون
بنگالي صاحب هڪ درويش شخص هو. ۽ اُتي هڪ

ٿيا ته پنهنجي پٽ سميت رهندا هو. ان مسجد شريف ۾ خليفو جان
جو هڪ عزيز نماز پڙهائيندو هو - اهو حافظ هو ۽ ڪنهن اسڪول
۾ ملازم هو. جيڪڏهن حافظ صاحب جي غير حاضري ۾ ڪو به
ٻيو ساٿين نماز پڙهائيندو هو ته حافظ منع ڪري اُن سان
وڙهندو هو ته تو ڇو؟ نماز پڙهائي. هڪ ڏينهن مغرب
جي اذان ٿي - حافظ موجود ڪونه هو - ڪافي وقت گذري
ويو مگر حافظ ڪونه آيو - اُن تي بنگالي صوفي ۽ مون (راقم الحروف)
کي چيو ته توهان نماز پڙهايو. مون چيو ته حافظ ايندو
۽ مون سان اچي جهڳڙو ڪندو ته تو ڇو نماز پڙهائي -
صوفي بنگالي چيو ته اوهان حضرت صاحب قدس سره جي اولاد
مان آهيو - اوهان سان ڇو جهڳڙو ڪندو. مون چيو
ته اگرچه مان سندن اولاد مان آهيان ۽ گنبذ شريف ڏي
هٿ کڻي چيم ته مون کي سندن اولاد هجڻ تي شرم ٿو اچي
جو مون ۾ ڪو به نيڪ عمل ڪونه آهي - خير جماعت جي

ڇوٽ تي مون نماز پڙهائي. بسم الله ڪري " الله اڪبر"
چيم ته مون تي اهڙي حالت طاري ٿي وئي جو مون نه ٿي ڄاتو
ته مان زمين تي آهيان يا آسمان تي. ۽ نماز جي لذت ۾
اهڙو مستغرق ٿيس جو لکڻ کان ٻاهر آهي ۽ اها لذت اڄ
تائين ياد آهي. خير نماز ٿي. مون کي روزو هو. ماني
لنگر جي آيل هئي. مگر مان سنت ۽ نفلن ۾ اهڙو مستغرق
هوس جو مون کي نه ماني جي طلب هئي نه پاڻي جي....
ڪافي وقت گذريو ته صوفي شجاع صاحب اچي مون کي چيو ته
گهڻو وقت ٿيو آهي ته ماني آئي آهي. ۽ ٺري وئي آهي.
اچي کائو...! خير مدهوشي جي حالت ۾ ماني کاڌي سون
ٻاٽ ۾ چار پنج ڇٻان هوا سون سيغتي اها سڪر ۽ مدهوشي
جي حالت طاري هئي. نماز عشا کان پوءِ مون صوفي صاحب
شجاع کي چيو ته پائي اچانئو؟ صوفي شجاع صاحب
چيو ته "مت پوچھو سب کی حالت مدہوشی کی ہے" ـ اهو حضرت

حن رضي الله عنه جو تصرف هو. جو مون سندن گنبد مبارڪ ڏانهن

هٿ ڪڍي اشارو ڪيو ته اوڏن سندن اولاد جوان جو الائي نه

آهيان... هي قصه عجيب غريب آهي - هت ختم ڪيو ٿو

اگرچه هن وقت پاڪستان ۽ هندستان جدائي ويو آهي - تاهم

جيڪڏهن اسان سنت پيغمبري صلي الله تعاليٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم

جي تابع قائم هوندا سون ته سندن فيض پري نه آهي بشرطيڪ

اسان اهل السنة والجماعة جي مڪمل پوري طرح هلون ٿا...

محال است سعدي که راه صفا | توان رفت جز در پي مصطفيٰ

گرچه دوريم از بساط قرب همت دور نيست =

مون هڪ قاصر کي ڪا به طاقت نه آهي جو حضرت حن تدرس

حن جي مناقبن جو ذڪر ڪيان - بس هن تي اڪتفا

ٿو ڪيان - والسلام واخر دعوىٰنا ان الحمد لله رب العالمين =

(فرد) نه حسنش غايت دارد نه سعدي را سخن پايان ۞

۞ بميرد تشنه مستسقي و دريا همچنان باقي

سندن خليفن جو شمار ڪونه آهي. وقت جو مغل بادشاهه حضرت "اورنگزيب عالمگير" شاهجهان بادشاهه جو پٽ حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن جو خاص مريد هو. ۽ ڪين حضرت صاحب جن کان خلافت به مليل هئي. موجوده وقت وارو گنبد مبارڪ به "روشن آرا بيگم" شاهجهان بادشاهه جي نياڻي جو ٺهرايل آهي. اڳ گنبد مٿان مينا ڪاري هئي جا غدر جي وقت ضايع ٿي وئي. باقي فقط گنبد مبارڪ رهيل آهي."

## "ذڪر وصال پر ملال حضرت عروة الوثقيٰ

رضي الله تعاليٰ عنه

سندن وصال ۷۲ ٻاهتر ورهين جي عمر مبارڪ ۾ سنه ۱۰۷۹هه ۾ ٿيو. گهڻن جو خيال هو ته سندن قبر مبارڪ به حضرت مجدد صاحب قدس سره جن جي گنبد مبارڪ ۾ ٿيئي. مگر اڪثر معتقدن جو ته سندن گنبد جدا سندن باغ ۾ ڪئي -جو حضرت مجدد صاحب عليه الرحمت ۽ سندن گنبد مبارڪ جي وچ ۾ ڪنهن جون قبرون ٿين ته باغ خير جو ٿيندو. تنهنڪري سندن گنبد مبارڪ جدا فاصلي تي ٿيو.

(والسلام)

حضرت عروة الوثقیٰ رضی الله تعالیٰ عنه جن لاءِ وفات جون تاريخون

وقت جي شاعرن تمام گهڻيون لکيون آهن. مگر هت اختصار ڪري

فقط ٻن شاعرن جون لکجن ٿيون -

هڪ وقت جي بادشاه مغل حضرت اورنگزيب عالمگير هينئن چئي آهي

قيوم جهان خليفة الله — دانندهٔ رازهای مکتوم

در دائرهٔ وجود تا بود — بودش به جهان مثال معدوم

تاريخ وصال او خرد گفت — رفته ز جهان امام معصوم

١٠٧٩

ٻي وقت جي هڪ مشهور شاعر نامر علي هينئن چئي آهي.

چراغ خاندان نقشبندان — فروغ دين احمد خواجه معصوم

بسوئ گلشن جنت قدم زد — ازين ويران رباط کهنه بوم

طلب کردم ز دل سال وصالش — ندا آمد ز عالم رفته معصوم

١٠٧٩

هاڻي سڀني فرزندن مبارڪن جو ذڪر ٿو ڪجي.

حضرت عروة الوثقیٰ رضی الله تعالیٰ عنه جن کي بنات کان

سواءِ ڇهه فرزند ارجمند هوا -

۱ نمبر پهريون، حضرت صبغة الله صاحب رحمة الله تعالیٰ عليه

۲ نمبر ٻيو- حضرت محمد حجة الله صاحب المعروف حضرت نقشبند ثاني رحمة الله عليه

۳ نمبر ٽيون- حضرت محمد عبيد الله صاحب رحمة الله تعالیٰ عليه

۴ نمبر چوٿون- حضرت محمد اشرف صاحب رحمة الله تعالیٰ عليه

۵ نمبر پنجون- حضرت محمد سيف الدين صاحب رحمة الله تعالیٰ عليه

۶ نمبر ڇهون- حضرت محمد صديق صاحب رحمة الله تعالیٰ عليه

اول ذڪر سڀني وڏي فرزند حضرت شاه صبغة الله صاحب جن جو ڪجي ٿو- اسان سڀني اولادمان آهيون - حضرت قطب دوران قيوم الزمان حضرت خواجه صبغة الله صاحب رحمة الله عليه جن جي ولادت با سعادت تاريخ ۱۱ يارهين ماه ربيع الثاني سنه ۱۰۳۴ھ ۾ دار الارشاد سرهند شريف ۾ ٿي ۽ سڀني جدامجد حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن جي حياتيءَ مبارڪ ۾ ٿي - ان وقت جناب حضرت مجدد صاحب جن وقت جي بادشاه جهانگير مغل سان

اجمير شريف پهتوا - ۽ سندن والد بزرگوار حضرت عروة الوثقيٰ رحمة الله عليه
جن به پنهنجي والد بزرگوار حضرت محمد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي
زيارت ۽ ملاقات لاءِ اجمير شريف ويل هوا - سندن والده صاحبه
حضرتين جي آمد تائين سندن نالو مبارڪ موقوف رکيو - جڏهن
حضرت محمد صاحب ۽ حضرت عروة الوثقيٰ صاحب قدس اسرارهم جن
سرهند شريف ڏانهن موٽيا ته واٽ تي کين حضرت جن جي ولادت
باسعادت جي خبر پئي - ٻنهي حضرات تمام گهڻو خوش ٿيا - چوته
حضرت محمد صاحب عليه الرحمت جي فرزندن ۾ پهريون ئي هيءُ
پوٽو تولد ٿيو هو، جڏهن سرهند شريف پهتا ته ۽ ستائين اول
سندن ڏسڻ لاءِ حرم سرا ۾ آيا - ۽ جڏهن نونهال کي
حضرت جن جي حضور ۾ پيش ڪيائون ته حضرت محمد صاحب
رضي الله تعاليٰ عنه جن کين " السلام عليكم صلا صبغة الله "
سان خطاب فرمايو - ۽ حضرت محمد صاحب قدس سره جن
حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن کي مخاطب ٿي فرمايو ته تنهنجي

فرزندن ۾ امامت جون خاصيتون ڏٺائين. تڏهن سندن نالو مبارڪ محمد صبغة الله رکيم. انشاء الله تعاليٰ هي ڪرد وڏيءَ عمر ۾ امامت جي وڏي درجي کي پهچندو. حضرت قيوم جهان حضرت شاهه صفي الله صاحب رحمة الله عليه جن حضرت خواجه محمد صبغة الله جي شان ۾ هيءُ رباعيون چيون آهن.

چون شهِ ڪنعان در اقليمِ شهود ۔ گوئي از اخوان به طفلي در ربود
هيچو والد آن شهِ ڪون و مڪان ۔ فخرِ عالم بود شرفِ انس و جان

ننڍپڻ ۾ ڇهن مهينن جي عمر ۾ سخت بيمار ٿيا. بيماريءَ جي ڪري سندن حالت نازڪ ٿي وئي. ان وقت جي حڪيمن سندن علاج کان مايوس ٿي علاج کان جواب ڏنو. هڪ ڏينهن ته نبضِ حيات به سندن بند ٿي. سندن والدين صاحبن سندن لاءِ ڪفن به تيار ڪيو. انهيءَ وچ ۾ حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن کي خبر پئي. جلد مٿائن آيا ۽ سندن مُنهن مبارڪ تان نقاب کڻي مُنهن کيا ۽ فرمايائون ته بابا... چاهي ٿو

خوش طبع ڪين اٿئي؛ ۽ پنهنجي والدين کي متفڪر ڪيو اٿئي!
اُٿ ته تنهنجا والدين خوش ٿين... فوراً حضرت صبغة الله
رحمت الله عليه جن اکيون کوليون ۽ ٻارن وانگر رُئڻ شروع
ڪيائون. حضرت محمد صاحب عليه الرحمت جن حضرت عروة الوثقيٰ
جن کي مخاطب ٿي فرمايو ته اوهان ۽ حڪيم هن کان مايوس
ٿيا آهيو. مگر آءٌ هن کي وڏي عمر ۾ ڏسان ٿو ۽ ماڻهن
سندس حلقي ۾ ويٺا آهن. حضرت صبغة الله صاحب قدس سره جن
پاڻ علم ظاهري ۽ باطني ۾ هر طرح جي ڪمالات سان پنهنجي
حضرت والد صاحب کان مستفيض ٿي ارشادي بڻيا آهن.
۽ ننڍپڻ ۾ پنهنجي جد امجد حضرت محمد صاحب قدس سره جن
جي فيض واري گنج سان مالامال ٿيا آهن. حضرت محمد صاحب
جن جي وقت ۾ سندن عمر مبارڪ هڪ سال هوئي ۽ سندن
لاءِ حضرت محمد صاحب عليه الرحمت جن بشارتون ڏنيون
آهن. پاڻ حضرت صبغة الله صاحب جن فرمائيندا هئا

تہ سندن والد صاحب حضرت عروة الوثقیٰ رضي الله تعالیٰ عنہ جن
کين مخاطب ٿي فرمائيندا هو ۽ بشارت ڏيندا هوا تہ توهان جناب
حضرت محمد صاحب رضي الله تعالیٰ عنہ جن جي حياتيءَ ۾ پيدا ٿيو
آهين تنهنڪري تنهنجو درجو پنهنجن سمورن ڀائرن ۾ وڏو آهي،
صاحب ڪتاب برڪات ۽ مصدر الجواهر ۾ لکن ٿا تہ هڪ ڪامل
شخص مون سان هي قصو بيان ڪيو تہ هڪ دفعي حضرت
عروة الوثقیٰ جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪو ملائڪ مقرب صورت
بشريہ سان هن دنيا ۾ اچي تہ غالبًا حضرت صبغة الله صاحب
جي شڪل مبارڪ سان مشتبہ هوندو۔ حضرت محمد حنيف صاحب
ڪابلي رحمت الله تعالیٰ عليہ جيڪو سندن والد مبارڪ جو وڏو ڪامل
خليفو هو، ان کان منقول آهي تہ، حضرت عروة الوثقیٰ قدس سره
جن دهلي ۾ وقت جي بادشاه اورنگزيب جي دعوت تي
(دار الحکومت) ۾ تشريف فرما هوا۔ سائين هڪ وڏي جماعت
خليفن ۽ مريدن جي گڏ هئي حضرت صبغة الله صاحب جن

حضرت محمد حنيف صاحب جن کي چيو ته منهنجي طرفان حضرت بابا سائين
عروة الوثقيٰ جن جي خدمت ۾ هي پيغام پهچاءِ ته هيڏي وڏي
جماعت اوهان جي خدمت شريف ۾ آهي - جنهن هڪ اوهان
جي فيض مان بهرياب ٿو ٿئي - هي مسڪين سالڪ وات تي مچ
۾ ويٺل آهي - گهڻن وقت ٿيو ته آءُ محروم ٿيل آهيان -
جيڪڏهن نظر شفقت ساڻ مون ڏانهن متوجه ٿيو ته آءُ
واصل حقيقت جو ٿيان - حضرت محمد حنيف صاحب فرمائين ٿا
ته اگرچه مون ۾ اهڙي پيغام پهچائڻ جي لياقت ڪانه هئي مگر
سنئين تاڪيد جي حڪم موجب مٿيون پيغام اعليٰ جي جناب
حضرت عروة الوثقيٰ جن جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيم -
پاڻ سڳورا ڪجهه وقت سڪوت ۾ رهيا - پوءِ اکين ۾ پاڻي آڻي
فرمايائون ته منهنجي طرفان کين سلام پهچاءِ سلامن بعد
کين چئو ته آءُ هن وڏي عمر ۾ ضعف بدني هوندي به
طالبن ساڻ صحبت ۾ آهيان بحڪم حديث شريف قدسي

إِذَا رَأَيْتَ لِيْ طَالِبًا فَكُنْ لَهٗ خَادِمًا

مون ڏٺو جيڪو خزانو فيض رباني جل علي الشانهٗ جو هو سو مون سڀ ڏٺو
تو کي عطا ٿيو آهي ۔ جيڪڏهن اچان ٿو اوهان کي وڌيڪ فيض جي
طلب آهي ۔ ته جناب حضرت محمد صاحب رضي الله عنه جي گنبذ مبارڪ
۾ وڃي حاضري حاصل ڪريو ۔ مون کي به اُنهيءَ فيض بي پايان ۾ شامل
ڪريو ۔ هن وقت ته اوهان ھمني برابري ۾ مسند شيخيت
تي تشريف فرمائي مون تان بار طالبن جو لاهيو ۔ اوهان جو
هي وقت مدد جو آهي نه عذر جو .... حضرت صاحب جن جو
منظور ٿيو پيغام سندن خدمت مبارڪ ۾ پيش ڪيم ۔ خوش وقت
رهيا ۽ رب تعالى جل شانهٗ جو شڪر بجا آندائون ۔

مطلب ته سندن ڪمالات جو بيان منهنجي لکڻ کان ٻاهر آهي ۔
جنهن کي شوق هجي ته ڪتاب تحقيق المقامات ۾ ڏسي گهري ته
سندن عمر مبارڪ ڪافي وڏي ٿي ۔ هڪ ئي ڪين ڪافرن سان
جهاد في سبيل الله جو شوق دامن گير رهندو هو ۔

سرهند شريف جي فوجدار "وزير خان" جو سکن جي "نانڪ"
ڪفار سان مقابلو ٿيو. باوجود وڏي عمر ۾ ضعف بدني ڪري
اوهين مسلمانن جي فوج ۾ شريڪ نه ٿي سگهيا. ڪفارن سان
مسلمانن جي جنگ زور شور سان جاري هئي، هڪ رات سکن
جي انهيءَ ڳوٺ ۾ جتي جنگ جاري هئي متوجه ٿي رهيا ۽ ضرورت
پيشاب لاءِ ٻاهر ويا ته اوچتو سندن پير مبارڪ ترڪي پيو
۽ پاڻ ڪري پيا. سندن خادم کين اندر کڻي آيا. هڪ زخم
بندوق جي گولي لڳڻ جو سندن ڏڏ مبارڪ تي هو. باوجود عذرن
ڪفارن جي رب تعاليٰ جل شانه سندن شموليت سان مسلمانن
کي فتح ياب فرمايو. مٿي ذڪر ڪيل زخم جيڪو حضرت جن
تي ظاهر هو سو باوجود علاجن جي به آخر نه ڇٽو. ۽ انهيءَ
زخم جي تڪليف سبب سندن وصال ٿيو. ۽ سندن شوق
۽ آرزوءَ سبب رب تعاليٰ کين شهادت جو درجو عطا فرمايو.
سندن وصال مبارڪ جمعه جي ڏينهن تاريخ ٩ ربيع الثاني ١١٢٢ سنه ۾ ٿيو

سندن عمر مبارڪ هڪ سال گهٽ نوي (۹۰) سال رهي (والسلام)

هاڻي حضرت عروة الوثقىٰ رضي الله تعالىٰ عنه جي باقي فرزندن

جا احوال اختصار سان "لکجي ٿو" -

## ذڪر فرزند ثاني حضرت عروة الوثقىٰ رضي الله تعالىٰ عنه

## جناب حضرت حجة الله صاحب عليه الرحمة

سندن نالو مبارڪ حضرت محمد نقشبند صاحب رحمة الله تعالىٰ عنه آهي

سندن ولادت مبارڪ ماه ذوالقعده سنه ۱۰۳۴ھ ۾ قرب ارتحال

حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالىٰ عنه جي ٿي. حضرت مجدد

صاحب قدس سره جن حضرت عروة الوثقىٰ جن کي بشارت ڏني ته

هي جيڪو تو کي فرزند حمل ۾ آهي سو هڪ صاحب معارف الاسرار

ٿيندو. "حجة الله" سندن لقب هو. برادر حقيقي جناب حضرت

مجدد صاحب رحمة الله عليه جن فرمايو ايئن ٿي هو وڏي

هوندي شرع حقيقت کي ٿمتا. "نقشبند ثاني" سان

مشهور ٿيا. سندن خط مان سندن احوال معلوم ٿئي ٿو -

ميڪو ڀڄي ۽ الله صاحب حضرت عروة الوثقيٰ احمد جي ذات لکيو اٿئي ۽ هو هندا =
قبلهٔ عالم ! ان تي ڏينهن ۾ شمول عنايات مراهب ۽ عطيات
الٰهي جل شانه ايتري قدر عنايت ٿيو آهي جن جو ڪجهه ذڪر ڪيائين ٿو.
ڪي اقرار دقيق اسرار رباني ظاهر ٿيا جن بيان لکڻ کان باهر آهي
انسان گڏ الهامات به ظاهر ٿيا سڪل حيرة ۾ ان ازعم ڪان لعل
دل ڏانهن متوجه ٿيس ته اهڙن اسرارن اندر غلبه عيد جو حد
کان زياده - انهيءَ وچ ۾ الهام الٰهي جل شانه ٿيو ته رب
تعالیٰ جل شانه جو نزول ٿيڪ آهي - نزول بلا ڪيف ۾ عظمت واقع ٿي جو

لَا عَيْنٌ رَأَتْ وَلَا أُذُنٌ سَمِعَتْ يَضِيقُ صَدْرِي وَلَا
يَنْطِقُ لِسَانِي ٥ وَاللهُ سُبْحَانَهُ وَتَعَالَىٰ مُنَزَّهٌ عَنِ الزَّمَانِ
وَالْمَكَانِ وَالنَّقَائِصِ كُلِّهَا سُبْحَانَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا
يَصِفُونَ وَسَلَامٌ عَلَى الْمُرْسَلِينَ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ ٥

سندن هن خط مان اعليٰ درجه ولايت جو پروڙي سگهجي ٿو - ٻين اغيار
اعتقاد آهي - سندن وفات ۲۹ محرم جمعرات ۱۱۱۵ھ ۾ ٿي - سندن عمر ساري ۶۱ ايڪهٺ

مرهيا هيا. سندن قبر مبارڪ جدا متصل باغ فتح ۾ گنبد مبارڪ

اندر آهي. ڪين ٻي فرزند نه ٿيا. ٻيو فرزند جنهن جو نالو مبارڪ

شيخ ابوالعلي رحمت الله عليه آهي. سندن فرزند محمد زبير

صاحب آهي. حضرت محمد زبير صاحب وڏا ڪامل اولياء

الله هيا سندن ارشاد ڪافي ڪان زياده هو. گهڻا ان سندن

مجاز خليفا هوا. سندن گنبد مبارڪ جدا باغ فتح ۾ آهي.

٢

سندن ٻيو فرزند مبارڪ حضرت شيخ محمد صاحب رحمت الله عليه

آهي. سندن والد صاحب جي وفات ڪان پوءِ ڇهن سالن

بعد وفات ڪيائون ۽ پنهنجي والد صاحب جي گنبد ۾ سندن قبر آهي.

٣

سندن ٽيون فرزند مبارڪ حضرت شيخ محمد ڪاظم آهي.

رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين اختصارا سندن احوال لکيو ويو والسلام

ذڪر فرزند نمبر ٽيون حضرت عروة الوثقيٰ

٣ رضي الله تعاليٰ عنه

انهي فرزند نمبر ٽين جو نالو مبارڪ حضرت محمد عبيد الله صاحب

رحمت الله تعاليٰ عليه آهي. حضرت عبيد الله صاحب

علم ظاهري خواه باطنيءَ جا اعلىٰ درجات پنهنجي والد صاحب حضرت
عروة الوثقىٰ رضي الله تعالىٰ عنه کان حاصل ڪيا. سندن ولادت
مبارڪ ماهه رجب المرجب سنه ١٠٢٨ هه ۾ سرهند شريف ۾ ٿي.
حضرت خازن عليه الرحمت سندن چاچي صاحب فرمايو ته
سندن ولادت وقت سندن جاءِ مولود تي هڪ فرشتي (ملڪ)
هي آيت شريف ٿي پڙهي. "وَالسَّلَامُ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَيَوْمَ
يَمُوتُ وَيَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا". حضرت عبيدالله صاحب
رحمت الله عليه جن علم ظاهري خواه علم باطنيءَ جا وڏا بزرگ
صاحب هوا. سندن مڪتوبات شريف جو هڪ ڪتاب ڊاڪٽر
غلام مصطفىٰ خان پروفيسر صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ کان ڇپرايو.
انهن حضرت صاحب موصوف جن جي علميت ۽ قابليت ڏسي
سمجهي ٿي. مغل بادشاهه حضرت اورنگزيب عالمگير ڏانهن
گهڻا خط لکيا. انهن جو بادشاهه سلامت جو ساڻن خط و
ڪتابت جو رستو هو ۽ بادشاهه سلامت سندن نهايت عقيدتمند هو،

سندن سنڌ پٽ جو هڪ واقعو بيان ڪجي ٿو فَاعْتَبِرُوْا يَا اُولِي الْاَبْصَارِ

هڪ ڀيري مولانا عبدالحڪيم صاحب جن سندن والد صاحب جن جي

مجلس ۾ آيا - درميان گفتگو مولانا صاحب چيو ته ''دل'' هڪ

گوشت جو ٽڪرو آهي سو ڪهڙي طرح ''اللّٰهُ'' جل شانه جي ذڪر

سان ذاڪر ٿئي ٿي - حضرت عبيدالله صاحب جن به انهيءَ

مجلس ۾ موجود هوا - ان وقت سندن عمر مبارڪ ست اٺ

سال هئي - يڪدم برجسته فرمايائون ته - مولانا صاحب!

زبان به ته هڪ گوشت جو ٽڪرو آهي ليڪن رب تعاليٰ جي قدرت

سان ڪهڙي طرح ذاڪر آهي - ليڪن دل ڇالاءِ ذاڪر نه ٿي

ٿي سگهي - هڪ نقطه ٻڌڻ کان پوءِ جواب شافي عقلي کان

سڀ متحير ٿيا پوءِ ڪين آفرين ڪيو - باوجود ڪم سالگيءَ جي -

حضرت قيوم الزمان حضرت صبغة الله صاحب رحمت الله تعاليٰ

عليه جن ٻنهي پاڳجي - شان ۾ فرمائيندا هئا ته اخوي مرحوم

حافظ قرآن مجيد، عالم، فاضل، حاجي، عارف، سخي،

ولي، متقي، ڪامل، اڪمل ۽ مقبول حضرت عروة الوثقيٰ
صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جا هوا. سندن حفظ ڪلام مجيد لاءِ
منقول آهي ته پاڻ پنهجي والد صاحب بزرگوار ۽ عزيزن سان گڏ
سفر حجاز شريف لاءِ درياهه ۾ ٻيڙيءَ تي سوار ٿيا. ۽ رمضان
شريف جو مهينو انهيءَ دريائي سفر ۾ آيو. پاڻ حضرتن
روزانو هڪ سيپارو قرآن مجيد جو ياد ڪري رات جو جماعت
سان تراويح ۾ پڙهندا هوا. سندن ڪشف مبارڪ ايڏو وسيع
هو جو دنيا ۾ جيڪو به واقعو ٿيندو هو، سو کين مڪشوف ٿيندو هو.
انهيءَ ڪشف کان مغلوب ٿي پنهجي والد صاحب حضرت عروة الوثقيٰ
صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن کي عرض ڪيائون ته مون کي هن
حالت مان ٻاهر ڪيو. ۽ حضرتن جي توجه مبارڪ سان انهيءَ
حالت مان ٻاهر نڪري سلوڪ باطنيءَ ذڪر ورد ڏي گام زن
ٿيا. سندن وصال مبارڪ سفر تان واپس موٽندي سراءِ
"سنجهالڪ" جو پاڙي ٽيٽ جي وچ تي آهي اتي ٿيو —

ڏينهن عجب جو هو. خادم کان سوال ڪيائون ته نماز جو وقت ٿيو آهي
خادم آخوند سجاول عرض ڪيو ته ها. جنهن تي هٿ مبارڪ
تعبير لاءِ کنيائون ته فرمايائون اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا رَسُوْلَ اللّٰه صلي الله عليه وآله وسلم
ٻئي هٿ مبارڪ مٿي تي رکي نماز جي نيت ڪيائون ۽ سجدي
۾ ويا ته سندن وصال الي الله تعاليٰ ٿيو. انا لله وانا اليه راجعون
سندن عمر شريف ٦٢ يا ٦٣ سال هئي. سندن وصال ماه ربيع الاول
سنه ١٠٦٣ھ ۾ ٿيو سندن جنازو مبارڪ سرهند شريف آندو ويو.
حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن جي گنبد مبارڪ جي متصل
پنهنجي والد مبارڪ جي قريب مدفون ٿيا.
کين ٣ ئي فرزند ڄاڻايل هوا. ١ حضرت شيخ محمد هادي صاحب
٢ حضرت شيخ محمد پارسا صاحب ٣ حضرت شيخ محمد سالم صاحب
رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين. والسلام

ذڪر فرزند ٽئين جو ڦوٽ حضرت عروة الوثقيٰ امام
رضي الله تعاليٰ عنه

حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي جو ٽئين نمبر فرزند جو

نالو مبارڪ حضرت شيخ محمد اشرف صاحب عليه الرحمت آهي - " "

سندن ولادت باسعادت سنه ١٠٤٣ھ ۾ سرهند شريف ۾ ٿي -

علم ظاهري خواه باطني پنهنجي والد بزرگوار صاحب جن کان

حاصل ڪري ممتاز ۽ سرفراز ٿيا - ۽ علم معقول خواه منقول

پنهنجي حاجي بيگوري حضرت خان عليه الرحمت کان حاصل ڪيائون -

۽ تفسير بيضاوي شريف پنهنجي والد شريف کان حاصل ڪيائون -

حضرت قيوم الزمان خواجه صبغة الله صاحب رحمت الله عليه

جن کان منقول آهي ته - منهنجي پاڻ صاحب جي پيدائش

سان دخول مقامات قرب الاهي جلشانه حضرت عروة الوثقى جن

کي ويڙهيڪ حاصل ٿيو - سندن والد صاحب جي سان تمام گهڻي

محبت هئي - ظاهري حسن پڻ تمام گهڻو هو - پاڻ شڪل

مبارڪ ۾ پنهنجي والد صاحب رحمت الله تعالى عليه سان

مشتبه هوا - سندن عمر مبارڪ ٧٥ پنجيتر سال جي

رحلت جي وقت سندن زبان مبارڪ تي هي آيت شريفه

هلندڙ هئي " وَهُوَ حَسْبِيْ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ " جي اها آيت
شريف پڙهندي ئي انتقال فرمايائون - سندن رحلت تاريخ ٢٨
اٺاويهين مهيني صفر المظفر سنه ١١١٨ھ ۾ ٿي - ان ڏينهن جناب
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن جو عرس مبارڪ هو -
سندن قبر مبارڪ حضرت عروة الوثقیٰ رضي الله تعالیٰ عنه جن جي
گنبذ مبارڪ سان متصل آهي - کين چار فرزند ارجمند هوا .

١ حضرت شيخ محمد جعفر صاحب ٢ حضرت شيخ محمد حيات صاحب
٣ حضرت شيخ محمد روح الله صاحب ٤ حضرت ميان شاه فتح الله صاحب
رحمت الله تعالیٰ عليهم اجمعين ٥

ذڪر فرزند ٻئي شيخ حضرت عروة الوثقیٰ صاحب
رضي الله تعالیٰ عنه

ٻيون فرزند حضرت عروة الوثقیٰ رضي الله عنه جن جو المسمیٰ
بنام حضرت شيخ محمد سيف الدين صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه هو -
هي فرزند ارجمند حضرت حجة صاحب درجات والا ۽ ڪمالات عليا
جا وارث هيا ۽ هڪ نسبتي ذات باري تعاليٰ جي نشانين مان هوا -

شريعت احمديه صلي الله تعاليٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جا
قاضي هوا. بعضن کي نسبت ۾ بابو ڏکيائون. پنهنجي والد
بزرگوار جن جيڪا هڪ حديث وقت جي مغل بادشاهه اورنگزيب
صاحب عالمگير جن جي تربيت لاءِ دهليءَ ۾ رهندا هوا.
بادشاهه سلامت جي حڪم سبب ساري دربار جا افسر ماڻهن
سندن زير حڪم هوندا هوا. ولادت باسعادت سنه ١٠٤٩ع ۾
سرهند شريف ۾ ٿي. سندن لاءِ اڳائي بشارت ڏني هئي
جيڪا حضرت خازن عليه الرحمت جن فرمائي هئي ته
سندن ولادت وقت هڪ ماڻهن جي آيت شريف پڙهي هئي
وَسَلَامٌ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَيَوْمَ يَمُوتُ وَيَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا ٥
جڏهن سندن عمر سن تدريس کي پهتي ته ڪلام پاڪ جي
پوري ڪرڻ کان پوءِ علوم عقليه ۽ نقليه پنهنجي والد صاحب کان حاصل
ڪيائون ۽ پوري وقت ساري دنيوي ۽ ديني علم ۾ ممتاز ٿيا.

ڪسب ڪمالات باطني پنهنجي والد صاحب حضرت عروة الوثقيٰ
رحمت الله عليہ کان حاصل ڪيائون ۽ ڪمالات جي اعليٰ درجات
تي پهتا. سندن فيض ۽ برڪت سان وڏي جماعت مستفيض
۽ منور ٿي. پاڻ جڏهن پنهنجي والد شريف جي حڪم سبب
مثل بادشاهه جي تربيت لاءِ مامور ٿيا ۽ جڏهن دارالسلطنت
دهلي جي شاهي دروازه تي پهتا ته قلعه جي دروازه تي
هڪ مست هاٿي جي شڪل ٻن پهلوانن جي شڪلين
سميت عمل ڏٺائون. پاڻ اندر قلعه ۾ وڃڻ کان انڪار
ڪيائون ۽ جڏهن اُهي تصويرون ڊاهيون ويئون تڏهن
پاڻ اندر شاهي قلعه ۾ داخل ٿيا. ۽ ساري هندستان ۾
خاص شاهي خاندان ۾ جيڪي به بدعتون رهيل هيون
سي سندن حڪم سبب موقوف ڪيون ويئون. ۽ اهڙو
نيڪ وقت هندستان ۾ آيو جو اڳ ڪڏهن نه آيو هو. ۽
اهل بدعت وارا ڏاڍا ذليل ۽ خوار رهيا. " "

هڪ وقت بادشاه سلامت شاهي باغ ۾ سندن دعوت ڪئي
۽ جڏهن بادشاه سميت ان باغ ۾ داخل ٿيا ته ڏٺائون ته
جڏهن شفاف حوض جي ڪناري تي فرش وڇايو ويو هو اتي
سون جون ٺهيل مڇيون جن جون اکيون جواهرن سان ٺهيل
هيون ڏٺائون - ۽ حڪم فرمايائون ته اهي مڇيون ۽
طلائي تصويرون منهدم ڪيو وڃن - ۽ حوض کي آزاد ڪيو
وڃي - بادشاه سلامت جي فوري حڪم سان اهي سڀ سون
۽ چانديءَ وغيره جون تصويرون ختم ڪيون ويئون - ۽
پوءِ پاڪ حضرت جن اُن جاءِ تي رونق افروز ٿيا -
بادشاه سلامت اورنگزيب عالمگير جيڪو جناب حضرت
عروة الوثقىٰ قدس سره (يعني حضرت جن جو والد) جن جو خاص
مريد هو. تنهن حضرت حق سبحانه وتعاليٰ جن جو شڪر
بجا آندو ته الحمدالله تعاليٰ اسيمي دؤر حڪومت ۾ اهڙيون
بزرگ هستيون به آهن جن جي برڪت سان سڀ بدعتون

مددم ٿيون -

مون خدمت شريف ۾ خلق خدا جو ايندو هجوم رهندو هو جو هڪ ڏينهن مغل شهزادو محمد اعظم صاحب حضور ۾ فيض حاصل ڪرڻ جي خاطر حاضر ٿيڻ لاءِ آيو ته ماڻهن جي گهڻت انبوهه ۽ هجوم سبب سندس پٽڪو مٿي تان ڪري پيو ۽ وڏي مشڪل سان حضرت جن جي خدمت ۾ پهتو- جڏهن موٽي پهچي والد صاحب بادشاهه وقت وٽ آيو ۽ اهو واقعو بيان ڪيائين ته بادشاهه سلامت رب تعالىٰ جل شانه جا شڪرانا بجا آندا ۽ چيائين ته الحمدلله تعالىٰ اهڙي قسم جا اهل الله به آهن جن جي دروازي تي پهچڻ ۽ زيارت حاصل ڪرڻ لاءِ ايتري مشقت پهچي ٿي - ۽ پوءِ زيارت نصيب ٿئي ٿي، هڪ ڏينهن شاهزادي محمد اعظم حضرت جن جي دعوت ڪئي جنهن ۾ حضرت جن جو وڏو ڀاءُ به مدعو هو- جڏهن شاهزادي هٿ ڌئڻ لاءِ بدنو ۽ چلمچي آندي ته پاڻ

پاڻ فوراً شاهزادي کان بدلو ۽ حليمي جي ڀيڄي ورتي ۽ پاڻ
جاباڻ هٿ ڏنائي لوڙ ۽ بدلو ۽ حليمي شاهزادي جي حوالي
ڪيائون. لوڙ شاهزادي سندن ۾ باقي مخدوم زادن جا
هٿ ڏنائين. هن مان ظاهر آهي ته پاڻ پنهنجي وڏي پاڻ
جي ڪيتري قدر عزت ڪندا هوا.

سندن عمر مبارڪ ٤٣ ٽيتاليهه سال هئي. سندن وصال
سنه ١٠٩٦هه ۾ ٿيو. سندن گنبد مبارڪ اولاد سميت جدا آهي.
تاريخ وصال جي مصرع هي آهي " هي هي ستون دين افتاد "
١٠٩٦هه

سندن اولاد حضرات رامپوري آهن. حضور صاحب حضرت
بلال صاحب رحمت الله تعالى عليه سندن فرزند جمله ٤
هوا. تن وڏن صاحبن سندن کان فيض حاصل ڪيو ۽
درجهٔ ڪماليت کي پهتا. باقي پنج نندا هوا. تن وڏن
جا نالا ١ حضرت شيخ محمد اعظم صاحب ٢ حضرت شيخ محمد حسين صاحب ٣ حضرت شيخ
محمد شبيب صاحب رحمت الله تعالى عليهم اجمعين هئا - (تمت)

## ذڪر فرزند ٻئين جو حضرت عروة الوثقىٰ
## رضي الله تعاليٰ عنه

سندن نالو مبارڪ حضرت محمد صديق صاحب رحمت الله آهي - هي سندن
۾ ننڍو اولاد مان آهي. اصولاً وڏن ۾ جيڪو آخري
اولاد ٿئي تو سو عموماً والدين جو پيارو هوندو آهي - حضرت
محمد صديق صاحب به سندن ننڍي ۾ ننڍو فرزند هو جنهنڪري
پنهنجي والدين صاحبن جو پيارن ۾ پيارو فرزند هو -
سندن ولادت باسعادت سنه ١٠٥٩ھ هجري ۾ سرهند شريف ۾
ٿي. تعليم ديني نقلي ۽ عقليه ننڍي وقت ۾ پوري طرح
حاصل ڪري پنهنجي والد صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿي
حصول علم باطني ۾ مشغول ٿيا سندن والد صاحب
جيڪي بشارتون سندن وڏن ڀائرن کي ڏنيون آهن تن
کين به عطا ڪيون ارڙهن سالن جي عمر ۾ منصب
ولايت احمدي صلى الله تعالىٰ عليه وآله وبارڪ وسلم جا تما

ننڍپڻ ۾ ئي حضور سرورِ ڪونين صلي الله تعالى عليه وسلم
جن دولتِ دين جي بشارت کين عطا ڪئي. جڏهن سندن
والد بزرگوار کين ڪامل مڪمل ڏٺو تڏهن کين اجازت
ڪامله عطا ڪئي. جهڙي طرح سندن وڏن پاڻ کي
عطا ڪئي هئائون. سندن ظاهري صورت مبارڪ
پنهنجي والد صاحب جي مشابهت تمام هئي. سندن
عمر مبارڪ اٺٽيهه سالن ۾ گذري ۽ پاڻ هيٺ ٨ ورهين ۾
رهيا آهن. سالڪ ۾ هيٺ ٨ رب تعالى جلشانه جو
شعر عملي بجا آڻيندا هوا. آخري عمر ۾ پاڻ دهلي
دار السلطنت ۾ تشريف فرما ٿيا هوا. ۽ وقت جا بادشاه
محمد فرخ سير سندن مريد هوا. ۽ اُتي دهليءَ ۾ ئي
وفات ڪيائون. سندن وصال تاريخ ستين جمادي الاول
١١٣١ه ۾ ٿيو. سندن گنبد مبارڪ سندن والد شريف جي
گنبد کان ٻاهر اتر طرف متصل آهي. سندن اولاد مبارڪ